# سچ ڇا آهي؟

سچ ڇا آهي؟ ظاهر ۾ ته ان ننڍڙي پر حقيقت ۾ هڪ وڏي سوال جو جواب ڳولڻ ممڪن آهي ته اسان مان گهٽ لاءِ ڪا اهميت نه رکندو هجي. ائين به ٿي سگهي ٿو ته اسان ماڻهن لاءِ زندگيءَ جو سڀ کان اهم سوال اهوئي هجي. اهوئي سبب آهي جو سوچيندڙ ۽ ڳولائو ماڻهن کي هن سوال جي جواب ڳولڻ يا حل ڪرڻ جي هورا کورا رهندي پئي آئي آهي. اسان مان ڪيترائي ماڻهو اهڙا به آهن جيڪي سچ جا ساٿاري ۽ سچ جي واٽ جا پانڌيئڙا آهن ۽ سچ جي ساڃاهه کي سگهارو ڪري ان کي ٻين تائين پهچائڻ جي فڪر ۾ هوندا آهن.

ان سوال جو جواب ڳولڻ ان وقت ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو آهي، جڏهن اسان پنهنجي ذهن ۾ سچ جي باري ۾ اڳ ۾ ئي ڪي معيار مقرر ڪري ڇڏيندا آهيون. تنهنڪري اهو نهايت ضروري آهي ته سڀ کان پهرين غيرجانبدار يا اڌريو ٿي نئين سر انهيءَ سوال جو جواب ڳولڻ گهرجي.

## غيرجانبداريءَ جا ٽي رُخ

1. پنهنجن ابن ڏاڏن، ابي امڙ، مٽن مائٽن ۽ آسپاس جي ماحول ۾ جڙيل ذهن کي پاسي تي رکڻ.
2. مولوين، مرشدن، ذاڪرن ۽ مذهبي پيشوائن جي صحبت ۾ پيدا ٿيل ڪٽرپڻي کي پاسي تي رکڻ.
3. پنهنجي ماحول ۽ معاشري، دوستن ساٿين، روايتي ڪتابن، اخبارن ۽ ميڊيا جي وسيلي پيدا ٿيل سوچ کي پاسي تي رکڻ.

## آخر غيرجانبداري ڇو؟

1. ان ڪري جو الله پاڪ انسان کي پيدا ڪري پنهنجيءَ زبردستيءَ سان ڪنهن خاص يا مقرر رستي تي هلڻ جو زور نه رکيو آهي. الله تعاليٰ به واتون ۽ انهن تي هلڻ جا نتيجا ٻڌائي انسان کي آزاديءَ سان انهن مان هڪ رستي جي چونڊ جو اختيار ڏئي ڇڏيو آهي.
2. ڪٽرپڻو ماڻهوءَ جي پنهنجي ذات ۽ شخصيت ۽ سندس مرتبي

۾ حيثيت کي وڃائي ڇڏي ٿو. جيئن ته ڪٽرپٽي سان ماڻهو پنهنجي هر عمل جو اظهار ٻين جي اثر هيٺ ڪري ٿو. تنهنڪري هو آزاديءَ سان يا پنهنجي ارادي ۽ مرضيءَ سان ڪوبه ڪم نه ٿو ڪري سگهي.

3- ڪتاب، مٽ مائٽ، دوست سنگتي، مرشد، ماحول ۽ معاشرو ماڻهوءَ جي سوچ ۽ فڪر کي هڪ قالب ۾ وجهندا آهن. اصل ۾ ماڻهو ڪنهن به قالب ۾ فِٽِ ٿيڻ واري مخلوق ڪونهي. حقيقت ۾ انسان پنهنجي سوچ ۽ عمل جي مدد سان ارتقا جي عمل مان لاڳيتو لنگهندڙ هڪ ذات آهي. تنهنڪري انسان جيڪڏهن زوري ڪنهن قالب ۾ فِٽِ ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو ته پوءِ سندس شخصيت ۽ مرتبي جي واڌ ويجهه ڪونه ٿي سگهندي.

هاڻي جيڪڏهن اوهان غيرجانبدار ۽ ڪٽرپٽي کان آجا آهيو ته پوءِ اوهان پَڪ سان سليم فطرت تي آهيو. سليم فطرت اها آهي جيڪا نج صورت ۾ الله پاڪ اوهان لاءِ ٺاهي آهي. دنيا ۾ سڀ انسان ان سليم فطرت تي پيدا ٿيندا آهن، پر پوءِ ڪين والدين ۽ معاشرو مختلف مذهبن ۽ مختلف طريقن جو پيروڪار بنائي ڇڏيندا آهن.

انسان جيئن ته اشرف المخلوقات آهي، تنهنڪري کيس قدرت پاران وجدان، حواس، عقل ۽ وحيءَ جهڙا هدايت جا چار بندوبست ڪري ڏنا ويا آهن. انهن مان پهريان به ذريعا انسانن ۽ ٻين ساهوارن ۾ گڏيل آهن ۽ جڏهن ته پويان به ذريعا انسان کي سندس مٿانهين حيثيت ڪري مهيا ڪيا ويا آهن. تنهنڪري انسان جي خوبي ۽ ڪمال اهو آهي ته هو عقل ۽ وحيءَ جي صورت ۾ ڏنل هدايت کي رهنما بنائي پنهنجي سفر کي جاري رکي. عقل ۽ وحيءَ جي هدايت کان پوءِ انسان پيءُ ماءُ، مٽن مائٽن، دوستن توڙي مرشدن جي طريقن تي اکيون ٻوٽي هلڻ جو روادار ڪونهي. ٻيا ساهوارا پنهنجي ضرورتن آهر وجدان ۽ حواسن جي هدايت هيٺ اکيون ٻوٽي هلندا رهندا آهن. پر انسان لاءِ عقل ۽ وحيءَ جي هدايت ملڻ کانپوءِ ٻيا دروازا بند ٿي ٿا وڃن.

غير جانبدار ٿيڻ کانپوءِ ماڻهوءَ جا پنهنجي ذات لاءِ ٽي سوال نهايت اهم آهن:

1- مان ڪير آهيان؟

2- ڇو پيدا ڪيو ويو آهيان؟

3- منهنجي اڳتي منزل يا مقصد ڇا آهي؟



## مان ڪير آهيان؟

انهن ٽنهي سوالن جا جواب انسان کي سچ جي دروازي تي پهچائي سگهن ٿا.

انهن ٽنهي سوالن جا جواب اسانجو ماحول، اسان جا عزيز، دوست ۽ اسان جون مروج روايتون فراهم نٿا ڪري سگهن. بلڪ اسان کي اشرف المخلوقات جي خاصيت بخشيندڙ وجدان، حواس، عقل ۽ وحي گڏجي عطا ڪري سگهن ٿا. اسانجي وجدان کي مفيد ۽ غيرمفيد طبعي ضرورتن جي سڃاڻ جي منيد ڪان هدايت عطا ٿيل آهي. جڏهن اسان پار هٽاسين، تڏهن ب باهہ جي شعلي ڪان ڇرڪندا هٽاسين ۽ ڏڪ ڪاڻڻ ڪان بچندا هٽاسين.اسان جا حواس اسان جي خطري ۽ اطمينان جي تميز رکن ٿا ۽ اسان جو عقلِ سوچڻ، سمجهڻ ۽ پرکڻ جي معاملن ۾ اسان جو رهنما رهيو آهي. هن حق ۽ سچ جي لقائن ۽ اصولن کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ ۾ اسان جي هميشه مدد ڪئي آهي. انساني فطرت جون جيڪي چڱايون آهن، عقل انهن جي فوري صداقت بابت رهنمائي ڪئي آهي. ۽ جيڪي مدايون آهن، عقل انهن جي ب تڪڙي نشاندهي ڪئي آهي. عقل انسان جي تخليق ڪان وٺي ڪائنات جي هن سڄي نرالي تخليق تي غور ۽ فڪر ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو، صالح انسانيت جا معيار پرکي ٿو، صالح ۽ غيرصالح جا فرق نکيڙي نروار ڪري ٿو. پر اهي سڀ ڪم اڪيلي عقل جا ڪونهن. منيد ڪان وٺي عقل جي هڪ خارجي رهنمائي ٿيندي آئي آهي.

جيئن اسان عام زندگيءَ ۾ ڏسون ٿا ت اکيون ڏسڻ جو خوبيءَ سان ڪم تڏهن ڪن ٿيون جڏهن اکين تي ٻاهرين روشنيءَ جو عڪس پوي ٿو. ٻاهرين روشنيءَ جو عڪس ن پوندو ت اونده ۾ روشن اکيون ب پنهنجو ڪم ن ڪري سگهنديون.

بلڪل ساڳيءَ طرح انسان جو عقل ب ٻاهرين روشنيءَ جي عڪس جو محتاج آهي، اها ٻاهرين روشني ئي عقل جي رهنما آهي. عقل جي پرکيل شيءِ ت اها خوبيءَ واري آهي يا خاميءَ واري ۽ ان جي خطرناڪيءَ جا نتيجا پسمنظر ۾ ڪهڙا آهن يا پيش منظر ۾ ڪهڙا ٿي سگهن ٿا، عقل انهيءَ جو ڪامل احاطو ن ٿو ڪري سگهي ڇو ت ان جو طريق ڪار تجرباتي آهي. ساڳئي وقت بطور انسان جي اسان تڪڙن فائدن يا مفادن جي لاءِ عقل ڪان تڪڙا فيصلا ڪرائي ڪن شين کي پنهنجي لاءِ فائدي وارو قرار ڏياريون ٿا، ڪن شين جي باري ۾ محبت ۽ اطاعت وارن جذبن جي ڪري عقل ڪان زوريءَ حمايت جا فيصلا پنهنجي حق ۾ وٺون ٿا ۽ ڪن شين جي باري ۾ حمايت لاءِ



## مان ڇو پيدا ڪيو ويو آهيان؟

ڪنهن لڪل خوف ۽ ڏهڪاءَ کي سامهون رکي پنهنجي عقل جي مٿان فيصلا مڙهيون ٿا. انهيءَ ڪري خود خلقڻهار به عقل کي ڪُل حاڪم نه بنايو آهي پر عقل جي رهنمائيءَ لاءِ وحيءَ جي هدايت موڪلي آهي ته جيئن اها هدايت عقل جي سوچڻ کي متناسب ۽ مفيد رکي.

انسان جي تخليق کان وٺي سندس هدايت جي لاءِ پيغمبرن جو سلسلو قائم ڪيو ويو جن وحيءَ جي هدايت سان انساني قافلي کي سندس بهتر حالتن ۾ ڪٽي هلڻ بابت رهنمائي ڪئي آهي. وحي جي هدايت انسان کي جتي پنهنجي ذات جي ارتقا ۾ به رهنمائي ڪئي آهي، اتي انسانن جي اجتماعي ترقيءَ واسطي هڪ فلاح ڀري معاشري جوڙڻ جا رستا پڻ ٻڌايا آهن.

انسان جي تخليق کان وٺي لکين نبين پنهنجا ڪروڙين پوئلڳ، صالح انسان ۽ سڌارڪ بڻايا جن پڻ انساني قافلي کي اڳتي وٺي هلڻ جي لاءِ وحيءَ جي انهيءَ هدايت جي روشنيءَ ۾ سچ جا اصول ۽ حق جي واٽ انسانن کي ٻڌائي. انسانن کي سچ جي واٽ تي سڏيندڙ اهو انسانن جو هيڏو وڏو تعداد انهيءَ وحيءَ جي هدايت جي روشنيءَ ۾ جڙيو آهي ۽ اهي انسانيت جي اعليٰ آدرشن ۽ اصولن جي هيڏي ساري جوڙ جڪ به ان وحي جي هدايت جي روشنيءَ ۾ ٿي ٿي آهي.

وحيءَ جي هدايت جو آخري محفوظ ۽ ميچوئر ذخيرو قرآن مجيد جي صورت ۾ انسانن وٽ موجود آهي، جنهن جي وحي الاهي هئڻ جي باري ۾ ڪي به ٻه رايا ڪونهن. اهو هينئر دنيا جي سيني وڏين ٻولين ۾ ترجمو ٿيل آهي ۽ ان کي پڙهي ڪيس عقل جو رهنما بنائڻ ۾ ڪابه رڪاوٽ ڪونهي.

انهيءَ ڪري اوهان موجوده فرقيوارانٽي ماحول ۾ ڪنهن خاص گروهه جو پوئلڳ بڻجڻ بدران آزادانٽي انداز ۾ حق ۽ سچ جا ڳولائو بڻجي عقل ۽ وحي جي ذريعي جڏهن پنهنجي باري ۾ انهن ٽن سوالن جو جواب ڳولڻ شروع ڪندؤ ته

1ـ مان ڪير آهيان؟

2ـ ڇو پيدا ڪيو ويو آهيان؟

3ـ منهنجي اڳتي منزل ۽ مقصد ڇا آهي؟

ته اوهان جي لاءِ سچ جي واٽ پڌري ٿي پوندي ۽ اوهان پاڻ سچ جي واٽ جا واٽهڙو ٿيندؤ.

قرآن مجيد اوهان کي ٻڌائيندو ته:



# منهنجي منزل ڇا آهي؟

☆ انسان تون اشرف المخلوقات آهين.
☆ الله تعاليٰ جو ڌرتيءَ تي خليفو/ نائب آهين.
☆ توکي صالح عملي زندگيءَ جي ذريعي آزمائشن مان گذرڻو آهي.
☆ توکي بشر ڪري پيدا ڪيو ويو آهي.
☆ توکي علم ۽ تزڪيي وسيلي بشرڪان انسان ڏانهن وڌڻو آهي.
☆ پاڻ کي ڌرتيءَ تي قدرت جي مثالي مخلوق ثابت ڪرڻو آهي.
☆ تون پنهنجي عملن وسيلي انسانن واسطي نفعي بخش بڻجي پاڻ کي مثالي مخلوق ثابت ڪر.
☆ تون الله تعاليٰ جي معرفت حاصل ڪري ان جي نيابت جو حق ادا ڪر ۽ الله تعاليٰ جي ٻڌايل ضابطن جي پابندي ڪر.
☆ پنهنجا مرتبا بلند ڪر ۽ سرخروئي حاصل ڪر.
☆ تہ جيئن تون الله تعاليٰ جي قربت جو حقدار بڻجين.
☆ ابدي زندگيءَ ۾ ملءِ الاعليٰ ۾ الله جي قربت ماڻين وٺين.
☆ ان ابدي زندگيءَ ۾ الله سائين روزانو توڏي چاهت جي نظر سان نهار ڪري ۽ وري وري توسان محبت جو اظهار ڪري.

انهيءَ ڪان سواءِ مذهب ۽ دين ڌرم جي نالي ۾ جيڪو عام طور تي ماڻهوءَ کي پنيلايو ۽ پانت پانت جي عقيدن ۽ وهمن ۾ ڦاسايو وڃي ٿو، سو مذهبي پيشہ وريت ۽ تفرقو آهي، ڪٽرپڻو آهي، ڌرمي قيد آهي، جنونيت آهي ۽ انسان جي سادگي آهي. قرآن مجيد کي ترجمي سان سمجهي پڙهي ڏسندا تہ اوهان ڪيترن ماڻهن کي روايتي دينداري ۽ فرقيواريت جي هڪ وڏي ڏٻڻ ۾ ڦاٿل محسوس ڪندؤ. پر ياد رکو تہ اوهان مان جيڪي بہ ماڻهو متوازن سوچ رکندا، ۽ قرآن جي رهنمائيءَ کي پنهنجو حقيقي هادي مڃيندا تہ پڪ سان ان ڏٻڻ مان آسانيءَ سان ٻاهر نڪري ايندا.

پڪ ڄاڻو تہ سچ سڄوئي قرآن مجيد ۾ سمايل آهي. اوهان اڄ ئي ترجمي سان ڀاري ڀاري ان جي هر هڪ آيت تي غور فڪر ڪري پڙهندا وڃو، حق ۽ حقيقت اوهان تي پڌرا ٿيندا ويندا. ان سان اوهان پنهنجي خلقڻهار جون قربتون محسوس ڪندؤ. پنهنجي پالڻهار جون رحمتون محسوس ڪندؤ. انهي ڪري قرآن کي مرشد بڻايو ۽ پنهنجي دل ۽ روح جي دنيا کي فرقيواراڻي ۽ ڪٽرپڻي جي پوسٽ مان ڪڍي روشن فڪريءَ جون اهي حقيقتون ۽ بشارتون ماڻيو جيڪي پيغمبرن ۽ سڌارڪن پنهنجي پوئلڳن کي ٻڌائي ڪين اطمينان جي زندگي ۽ ڪامرانيون عطا ڪيون ۽ ساڳئي اطمينان ۽ ڪامرانين کي اوهان بہ ماڻي وٺو: